# سنڌ ايڪٽ نمبر III مجريہ 2005
# SINDH ACT NO.III OF 2005
# سنڌ ماليات ايڪٽ، 2005
# THE SINDH FINANCE ACT, 2005
## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and Commencement

2. 1964 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ XXXIV جي ترميم

Amendment of West Pakistan Act XXXIV of 1964

3. 1977 جي سنڌ ايڪٽ VII جي دفعہ 8 جي ترميم

Amendment of Section 8 of Sindh Act VII of 1977

4. 1994 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XIII جي دفعہ 9 جي ترميم

Amendment of Section 9 of Sindh Act No.XIII of 1994

5. 2000 جي سنڌ آرڊيننس VII جي دفعہ 10 جي ترميم

Amendment of Section 10 of Sindh Ordinance VII of 2000

6. 2000 جي سنڌ آرڊيننس VIII جي شيڊول جي ترميم

Amendment of Schedule to Sindh Ordinance VIII of 2000

7. 2001 جي سنڌ آرڊيننس XVI جي دفعہ 1 جي ترميم

Amendment of Section 1 of Sindh Ordinance XVI of 2001

# سنڌ ايڪٽ نمبر III مجريه 2005
# SINDH ACT NO.III OF 2005
# سنڌ ماليات ايڪٽ، 2005
# THE SINDH FINANCE ACT, 2005

[6 جولاءِ 2005]

ايڪٽ جنهن ذريعي ڪجهه ٽيڪسز کي معقول بڻايو ۽ سنڌ صوبي ۾ ڪجهه ٽيڪسز ۽ في ۾ ڪجهه رعايت ڏني ويندي ۽ ڪجهه قانونن ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته ڪجهه ٽيڪسز کي معقول بڻائڻ ۽ سنڌ صوبي ۾ ڪجهه ٽيڪسز ۽ في ۾ ڪجهه رعايت ڪرڻ ۽ ڪجهه قانونن ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان ڪي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and Commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ ماليات ايڪٽ، 2005 سڏيو ويندو.

(2) هي پهرين جولاءِ 2005 تي ۽ ان ڪانپوءِ لاڳو ٿيندو.

1964 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XXXIV جي ترميم
Amendment of West Pakistan Act XXXIV of 1964

2. سنڌ ماليات ايڪٽ، 1964 جي دفعه 12 ۾:

(i) ذيلي دفعه (1) ۾، لفظن "هڪ رپيو في مڻ" لاءِ لفظ "پنجاهه پئسا في چاليهه ڪلوگرام" متبادل ٿيندا ۽ پهرين مارچ 1995 تي ۽ ان ڪانپوءِ ايئن تبديل ٿيل سمجهيا ويندا.

(ii) ذيلي دفعه (2) ۽ شرطيه بيان لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو ۽ پهرين مارچ 1995 تي ۽ ان ڪانپوءِ ايئن ئي تبديل ٿيل سمجهيو ويندو:

"(2) ورجايل سيس شگر ملس ۽ ملس کي ڪمند وڪرو

| | |
|---|---|
| | ڪندڙ شخص وچ ۾ هڪ جيتري ڏيندا.<br>بشرطيڪ ڪمند شگر ملس جي پنهنجي فارم تان حاصل ٿيڻ جي صورت ۾، سيس پنجاهه پئسا في چاليهه ڪلو گرام جي حساب سان ملس طرفان ادا ڪئي ويندي.”؛<br>(iii) ذيلي دفعه (A_2) کي ختم ڪيو ويندو ۽ 25 فيبروري 1991 تي ۽ ان کانپوءِ ايئن ئي ختم ٿيل سمجهيو ويندو، ۽<br>(iv) ذيلي دفعه (3) ۾، لفظن “۽ سرچارج” کي ختم ڪيو ويندو ۽ 25 فيبروري 1991 تي ۽ ان کانپوءِ ايئن ئي ختم ٿيل سمجهيا ويندا. |
| 1977 جي سنڌ ايڪٽ VII جي دفعه 8 جي ترميم<br>Amendment of Section 8 of Sindh Act VII of 1977 | 3.سنڌ ماليات ايڪٽ، 1977 جي دفعه 8 ۾، ذيلي دفعه (1) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:<br>“(1) هوٽلن تي هڪ ٽيڪس لڳائي ويندي جنهن کي هوٽل ٽيڪس سڏيو ويندو، جيڪا هر رهائش اختيار ڪندڙ کان روزانو ڪٽ مطابق ساڍا ست سيڪڙو جي حساب سان ورتي ويندي، جيئن هيٺ بيان ڪيل آهي: |

| | |
|---|---|
| (a)هوٽل چارجنگ جي صورت ۾ هڪ سئو رپيا يا وڌيڪ پر هڪ هزار رپين کان وڌيڪ نه | ڪل رهائشي يونٽس جي هڪ سئو سٺ سيڪڙو برابر |
| (b)هڪ هزار رپين کان وڌيڪ هوٽل چارجنگ جي صورت ۾ | ڪل رهائشي يونٽس جي هڪ سئو ستر سيڪڙو برابر.”. |

| | |
|---|---|
| 1994 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XIII جي دفعه 9 جي ترميم | 4.سنڌ ماليات ايڪٽ، 1994 جي دفعه 9 جي ذيلي دفعه (1) جي وضاحت_II ۾، لفظ “مالڪ” کانپوءِ لفظ “جيئن ڪسٽم اٿارٽيز طرفان ڪاٽو لڳايو ويو آهي” شامل ڪيا ويندا. |

Amendment of Section 9 of Sindh Act No.XIII of 1994

2000 جي سنڌ آرڊيننس VII جي دفعہ 10 جي ترميم
Amendment of Section 10 of Sindh Ordinance VII of 2000

5.سنڌ ماليات آرڊيننس، 2000 جي دفعہ 10 ۾، شقن (a)، (b)، (c) ۽ (d) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

| | |
|---|---|
| (a)رجسٽريشن لاءِ في | 200000 رپيا |
| (b)هيڊ آفيس ڪانسواءِ برانچ آفيس لاءِ رجسٽريشن في | 50000 رپيا |
| (c) ساليانو نئين ڪرڻ لاءِ في | 25000 رپيا |

2000 جي سنڌ آرڊيننس VIII جي شيڊول جي ترميم
Amendment of Schedule to Sindh Ordinance VIII of 2000

6.سنڌ سيلز ٽيڪس آرڊيننس، 2000 جي شيڊول جي پيرا 1 جي شق (b) ۾ پيراگرافن 5 ۽ 6 کي ختم ڪيو ويندو.

2001 جي سنڌ آرڊيننس XVI جي دفعہ 1 جي ترميم
Amendment of Section 1 of Sindh Ordinance XVI of 2001

7.سنڌ ماليات (ٻي ترميم) آرڊيننس، 2001 جي دفعہ 1 جي ذيلي دفعہ (2) ۾ لفظن ۽ انگن "۽ اهو 24 فيبروري 2001 تي ۽ ان کانپوءِ لاڳو سمجهيو ويندو" کي ختم ڪيو ويندو ۽ ايئن ئي ختم ٿيل سمجهيو ويندو.

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**